# ايلاف

# سنڌي درسي ڪتاب

ٽئين ڪلاس لاءِ

## ٽيچر گائيڊ

ليکڪ/ سهيڙيندڙ

ابو عبدالله "ظهير"

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي پاڪستان®

ڪراچي، سکر، لاهور

SCIENCE PUBLICATIONS ®
KARACHI 0332 6118855
SUKKUR 0334 8881071
LAHORE 0300 8070436
mehran_series@yahoo.com



فهرست


| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 01 | ڏٽي جي وڏائي (حمد) | 03 |
| 02 | نبي اڪرم صلى الله عليه وعلى آله وأصحابه وسلم جن جا اخلاق مبارڪ | 06 |
| 03 | جڳن لاءِ خوشبو محمد جو نالو (نعت) | 08 |
| 04 | حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه | 11 |
| 05 | اسان جو پيارو وطن | 14 |
| 06 | رشتا ناتا | 17 |
| 07 | سج، چنڊ ۽ تارا | 20 |
| 08 | ڪمپيوٽر (نظم) | 23 |
| 09 | نصيحت ڀريا نُڪتا | 26 |
| 10 | سٺيون چوڪريون | 28 |
| 11 | اٿو ٻارو ٿيو سجاڳ (نظم) | 30 |
| 12 | سر حاجي عبدالله هارون | 34 |
| 13 | بهار جي مند (بيت) | 37 |
| 14 | سنڌ ۽ سنڌي ٻولي | 41 |
| 15 | سُڌ سماءَ جا ذريعا (تصويرون) | 43 |
| 16 | ڪڏهن ٻه هٿ نه ڪجي | 45 |
| 17 | گل (بيت) | 47 |
| 18 | اڇو نه ٻوٽا پوکيون | 51 |
| 19 | پاڻي | 54 |
| 20 | دعا (بيت) | 57 |

سبق پهريون

# ڏٽي جي وڏائي (حمد)

سائين تون سنسار سڄي تي،
رنگ برنگي رنگ پرين ٿو.

حوالو: هي شعر حمد "ڏٽي جي وڏائيءَ" مان کنيو ويو آهي. هن حمد جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر الله تعاليٰ سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته اي سائين تون هن سموري ڪائنات کي پيدا ڪيو آهي ۽ رنگ برنگي دنيا ٺاهي اٿئي.

تون ڪوجهن ڪنڙن ڪارن کي،
۽ ننڍڙن وڏڙن ٻارن کي،
نيڻن جو تون نار ڪرين ٿو،
رنگ برنگي رنگ پرين ٿو.

حوالو: هي شعر حمد "ڏٽي جي وڏائيءَ" مان کنيو ويو آهي. هن حمد جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي الله سائين تون سيني ڪنڙن ڪوجهن ۽ سهڻن ٻارن ي اکين جو نار ڪري پيدا ڪيو آهي ۽ تون ئي سموري ڪائنات هلائين ٿو.

ڌرتي گل گلزار ٻڻائين،
وڻن ٽڻن کي ويس ڍڪائين،
مکڙين سان ٽمٽار ڪرين ٿو،
رنگ برنگي رنگ پرين ٿو.

حوالو: هي شعر حمد "ڏٽي جي وڏائيءَ" مان کنيو ويو آهي. هن حمد جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.



تشريح: هن شعر ۾ شاعر فرمائي ٿو ته اي رب پاڪ تون ڌرتيءَ کي باغيچو ڪري ٻڻايو. وڻن ٻوٽن کي پيدا ڪيو ۽ انهن ۾ گل ميوا ٻه تون ئي پيدا ڪرين ٿو. تون ئي سنسار کي هلائين ٿو.

تر ۾ تڏڙا مينهن وسائين،
ڌرتيءَ تي قالين وڇائين،
قدرت جو اظهار ڪرين ٿو،
رنگ برنگي رنگ پرين ٿو.

حوالو: هي شعر حمد "ڏٽي جي وڏائيءَ" مان کنيو ويو آهي. هن حمد جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اي الله تون ئي تر ۾ تڏڙا مينهن ٿو وسائين. ڌرتيءَ تي سائو گاهه پيدا ڪري قالين وڇائين ٿو ۽ پنهنجي قدرت جو اظهار ڪرين ٿو. تون ئي سموري ڪائنات هلائين ٿو.

"غازيءَ" کي گفتار ڏني تي،
سائين پنهنجي سار ڏني تي،
ڏيان اسان جي لاءِ ڏرين ٿو،
رنگ برنگي رنگ پرين ٿو.

حوالو: هي شعر حمد "ڏٽي جي وڏائيءَ" مان کنيو ويو آهي. هن حمد جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر فرمائي ٿو ته اي الله تون ئي "غازي" شاعر کي ڳالهائڻ جي طاقت ڏني اٿئي ۽ پنهنجو ذڪر ڪرڻ جي هدايت عطا ڪئي اٿئي ۽ تون ئي اسان کي پنهنجي سنڀار هيٺ رکين ٿو. تون ئي دنيا ۾ رنگ پيدا ڪيا آهن.

مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سنسار | جهان | ڪوجهن | بدصورت |
| نيٽن | اکين | گلزار | باغ |
| اظهار | بيان ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ | گفتار | ڳالهائڻ |
| سار | ياد گيري | ڏرين | ڪرڻ |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو**

سوال1: سموري سنسار ۾ رنگ ڪير ڀري ٿو؟

جواب: سموري سنسار ۾ رنگ الله سائين ڀري ٿو.

سوال2: ڌرتي گل گلزار ڪيئن بڻجي ٿي؟

جواب: ڌرتي گل گلزار ساون گلن ٻوٽن سان بڻجي ٿي.

سوال3: اسان کي ڳالهائڻ جي سگهه ڪنهن ڏني آهي؟

جواب: اسان کي ڳالهائڻ جي سگهه الله سائين ڏني آهي.

**(ج) ڪارن — ڀارن هم آواز لفظ آهن. توهان هن بيت مان اهڙا ٻيا هم آواز لفظ ڳولهي لکو.**

ڏرين، ڪرين، ڀرين،

گلزار، ٽمتار، اظهار

**(د) هيٺيان لفظ درست صورتخطي ۾ لکو.**

صنصار سنسار غلزار گلزار

مخڙين مکڙين ڪدرت قدرت

صائين سائين

**(ه) هيٺيان خال ڀريو.**

1. ڌرتي گل **گلزار** بڻائين.
2. وڻن ٽڻن کي **ويس** ڍڪائين.
3. ٿر ۾ **ٽڏڙا** مينهن وسائين.
4. ڌرتيءَ تي **قالين** وڇائين.



سبق ڇهون

# نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جا اخلاق مبارڪ

مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| صادق | سچار | پيغام | نياپو |
| هجرت | لڏي وڃڻ | ويري | دشمن |
| پاراتو | پٽ | تلقين | هدايت |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: مڪي جا ماڻهو پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪهڙي تعريف ڪندا هئا؟

جواب: سچائيءَ ۽ ايمانداري جي ڪري مڪي جا ماڻهو کين صادق ۽ امين چوندا هئا.

سوال2: ابوجهل کين ڇا سمجهندو هو؟

جواب: ابوجهل کين سچو سمجهندو هو.

سوال3: پوڙهي مائيءَ اسلام ڪيئن قبول ڪيو؟

جواب: جڏهن پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سندس خيريت پڇا ڪرڻ لاءِ ان جي گهر ويا ته هن سندن اها شفقت ڏسي هڪدم اسلام قبول ڪيو.

سوال4: پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جهرڪيءَ جي ٻچن بابت ڪهڙو حڪم ڪيو؟

جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جهرڪيءَ جي ٻچن بابت اهو حڪم ڪيو ته انهن کي هڪدم پنهنجي آکيري ۾ ڇڏي اچو.

سوال5: پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ طائف جي ماڻهن لاءِ ڪهڙي دعا گهري؟

جواب: پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ طائف جي ماڻهن لاءِ اها دعا ڪئي ته "اي الله انهن کي هدايت ڏي اهي منهنجي ڳالهه نه ٿا سمجهن."

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. پاڻ سڳورن ﷺ وٽ جيڪي امانتون پيل هيون اهي حوالي ڪيون:

(i) حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي
(ii) حضرت عمرفاروق رضي الله عنه جي
✓ (iii) حضرت علي رضي الله عنه جي

2. ڪافرن جو سردار ________ بہ ڪين سچو سمجهندو هو.

(i) يزيد ✓ (ii) ابوجهل (iii) شمر

3. پوڙهيءَ سندن ايڏي ________ ۽ مهرباني ڏسي هڪدم اسلام قبول ڪيو.

✓ (i) شفقت (ii) عظمت (iii) عنايت

4. هڪ ڀيري ڪو اصحابي سڳورو ________ جي آکيري مان ٻچا ڪڍي آيو.

(i) ڪانويليءَ (ii) ڪوئل ✓ (iii) جهرڪيءَ

5. پاڻ ﷺ هميشہ ________ جو خير گهرندا هئا.

✓ (i) سڀ (ii) مائٽن (iii) پنهنجو

**(د) هيٺ ڏنل لفظ پنهنجن جملن ۾ ڪم آڻيو:**

ايماندار: پاڻ سڳورا ﷺ تمام گهڻا ايماندار هئا.
امانتون: ماڻهو پنهنجون امانتون نبي اڪرم ﷺ جن وٽ رکندا هئا.
رحم: اسانکي جانورن تي رحم ڪرڻ گهرجي.
خيريت: بيمار ٿيڻ تي پوڙهيءَ جي خيريت لاءِ سندن گهر ويا.
هڪدم: سندن شفقت ڏسي پوڙهيءَ هڪدم ايمان آندو.
پاراتو: اسان کي ڪنهن کي بہ پاراتو نہ ڏيڻ گهرجي.

**(هہ) لفظ ٺاهيو: جيئن، لکڻ مان لکيو.**

چوڻ مان <u>چيو</u> ٽوڙڻ مان <u>ٽوڙيو</u>
ڳالهائڻ مان <u>ڳالهايو</u> گهمڻ مان <u>گهميو</u>



سبق ٽيون

# جڳن لاءِ خوشبو محمد جو نالو (نعت)

جڳــن لاءِ خوشــبوءِ محمــد جــو نــالو،
۽ قـــرآن ۾ نعـــت جـــو هـــر حوالـــو.

حوالو: هي شعر نعت ”جڳن لاءِ خوشبو محمد جو نالو“ مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر جوهر بروهي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ سموري ڪائنات لاءِ نبي اڪرم ﷺ جو نالو خوشبو وانگر آهي ۽ قرآن پاڪ جي هر آيت سندن شان بيان ڪري ٿي.

ڪڍـــي پيـــر برڪـــت پريـــا ڇـــام آيـــو،
ٿيـــو ڪائنـــاتن جـــو لايـــو ســـجايو،
ڪليـــو امتـــين لاءِ جنـــت جـــو تـــالو.

حوالو: هي شعر نعت ”جڳن لاءِ خوشبو محمد جو نالو“ مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر جوهر بروهي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر فرمائي ٿو تہ جڏهن نبي اڪرم ﷺ هن دنيا ۾ آيا تہ سموري ڪائنات کي فائدو پهتو ۽ انهن جي محنتن کي ڦل مليو ۽ امتين لاءِ بہ جنت جو دروازو کلي ويو.

حِرا ڪان هليو، عرش تي ان جي منزل،
مليـــو آ پريشـــان مـــوجن کـــي ســـاحل
تـــہ مـــيلاد ٿيـــو عيـــد وارو مشـــالو.

حوالو: هي شعر نعت ”جڳن لاءِ خوشبو محمد جو نالو“ مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر جوهر بروهي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ نبي اڪرم ﷺ جن معراج ماڻي. سندن اچڻ سان امتين کي سهارو ملي ويو. سندن

اچڻ سان عيدون ٿي ويون. هر طرف خوشين جا شادمانا وڄي ويا.

پڙهيو جنهن بہ ڪلمو مني مصطفيٰ تي،
سو راضي رهي ٿو خدا جي رضا تي،
محمد ﷺ نبين ۾ آهي نرالو.

حوالو: هي شعر نعت "جڳن لاءِ خوشبو محمد جو نالو" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر جوهر بروهي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر فرمائي ٿو تہ جنهن بہ ڪلمو پڙهيو آهي اهو الله سائينءَ جي رضا تي راضي رهندو آهي. اسانجو نبي ﷺ سڀني نبين کان اعليٰ ۽ ارفع آهي.

ڪٽي آهي بدڪار ڏوهي،
رکي آس اميد "جوهر بروهي"،
سڄڻ جي طفيلي ڪٽيو ڪل ڪشالو.

حوالو: هي شعر نعت "جڳن لاءِ خوشبو محمد جو نالو" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر جوهر بروهي آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ جيڪڏهن اسين بدڪار ۽ گناهگار بہ آهيون تہ بہ اسان کي نبي اڪرم ﷺ جن جي شفاعت جي اميد آهي. انهيءَ پاڪ پيغمبر جي ڪري ئي اسان دنيا ۾ تڪليفون سٺيون آهن.

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سجايو | فائدي وارو | ساحل | سمنڊ جو ڪنارو |
| مشالو | روشني | رضا | مرضي |
| بدڪار | گناهگار | ڏوهي | گناهگار |
| طفيل | جي سبب | ڪشالو | تڪليفون |



**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: امتين لاءِ جنت جو تالو ڪڏهن کليو؟
جواب: جڏهن نبي اڪرم ﷺ جن دنيا ۾ آيا.
سوال2: خدا جي رضا تي ڪير راضي رهي ٿو؟
جواب: مسلمان رب جي رضا تي راضي رهي ٿو.
سوال3: دنيا وارن لاءِ محمد جو نالو ڪيئن آهي؟
جواب: دنيا وارن لاءِ محمد جو نالو خوشبو وانگر آهي.

**(ج) هن بيت ۾ ڏنل هم آواز لفظ ڳولهي لکو.**

جيئن: نالو - تالو

حوالو، نرالو، مشالو، ڪشالو
منزل، ساحل، ڏوهي، بروهي

**(د) هيٺيان خال پريو.**

(1) ڪٽي پير **برڪت** پريا جام آيو.
(2) ٽيو **ڪائنات** جو لايو سجايو.
(3) حرا کان هليو **عرش** تي ان جي منزل.
(4) مليو آ پريشان **موجن** کي ساحل.

سبق چوٿون

# حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه

مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڪُنيت | عرف عام | تصديق | شاهدي ڏيڻ |
| لقب | خاص نالو | وصال | وفات |
| سرانجام | پورو ڪرڻ | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جو اصل نالو ڇا هو؟

جواب: حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جو اصل نالو عبدالله هو.

سوال2: حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي ”صديق“ جو لقب ڪڏهن مليو؟

جواب: معراج جي واقعي جي سڀ کان اول تصديق ڪرڻ مهل کين صديق جو لقب مليو.

سوال3: حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي ”يار غار“ ڇو ٿو سڏيو وڃي؟

جواب: حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه کي يارغار ان ڪري سڏيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته پاڻ هجرت مهل نبي اڪرم ﷺ سان غار ۾ گڏ رهيا.

سوال4: حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ڪيترو وقت خلافت هلائي؟

جواب: حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ٻه سال ٽي مهينا خلافت هلائي.



سوال5: وفات وقت حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي عمر ڪيتري هئي؟

جواب: وفات وقت حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي عمر 63 سال هئي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه مسلمانن جا خليفا هئا.

✓ (i) پهريان (ii) ٻيا (iii) ٽيان

2. حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جو اصل نالو هو.

✓ (i) عبدالله (ii) ابو طالب (iii) ابو قحافه

3. معراج جي واقعي جي تصديق سڀ کان اول ڪئي.

✓ (i) حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه

(ii) حضرت علي رضي الله عنه

(iii) حضرت عمر فاروق رضي الله عنه

4. هجرت وقت پاڻ ________ نالي غار ۾ رهيا.

✓ (i) غار ثور (ii) غار حرا (iii) غار صبا

5. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ________ سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.

(i) 36 ✓ (ii) 63 (iii) 40

**(د) هيٺين واحد لفظن جا جمع ٻڌايو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| عادت | عادتون | دعوت | دعوتون |
| هجرت | هجرتون | قبر | قبرون |
| غار | غارون | | |

**(ھ) ھيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.**

ڪين — انهن کي — سچائيءَ جي ڪري ڪين صديق لقب مليو.

سند — انهيءَ جي — صديق سندس لقب آهي.

سندن — انهن جو — سندن اصل نالو عبدالله هو.

ڪانئن — انهن کان — نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ڪانئن عمر ۾ وڏا هئا.

**(و) صحيح جملي جي سامھون (✓) ۽ غلط جي سامھون (✗) جو نشان لڳايو.**

1. حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه مسلمانن جا ٽيان خليفا هئا. (✗)
2. حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جي والد جو نالو ابو قحافه هو. (✓)
3. پاڻ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جن جا ويجها ساٿي هئا. (✓)
4. پاڻ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَأَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سان غار حرا ۾ گڏ رهيا. (✗)
5. صديق ۽ يار غار حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جا لقب آهن. (✓)



سبق پنجون

# اسان جو پيارو وطن

## مشق

**(الف) ھيٺين لفظن جي معنيٰ لکو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| قابض | قبضو ڪرڻ | جدوجهد | ڪوشش |
| مالامال | ڀرپور ، ڀريل | وسيلا | ذريعا |
| اپت | پيداوار | ناڻو | رقم، پئسا |
| ناتا | تعلق | اتحاد | ٻڌي |

**(ب) ھيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اسان جي پياري وطن جو نالو ڇا آهي؟

جواب: اسان جي پياري وطن جونالو پاڪستان آهي.

سوال2: اسان جي وطن تي اڳ ۾ ڪير قابض هئا؟

جواب: اسان جي وطن تي اڳ ۾ انگريز قابض هئا.

سوال3: پاڪستان ڪڏهن قائم ٿيو؟

جواب: پاڪستان 14 آگسٽ 1947ع تي قائم ٿيو.

سوال4: پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو درياءُ ڪهڙو آهي؟

جواب: پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو درياءُ سنڌو درياء آهي.

سوال5: پاڪستان ۾ ڪهڙا مکيه فصل ٿين ٿا؟

جواب: پاڪستان ۾ ڪڻڪ، ڪپهه، ساريون، ڪمند وغيره مکيه فصل ٿين ٿا.

سوال6: پاڪستان ۾ اسلامي سربراه ڪانفرنس ڪڏهن ٿي؟

جواب: پاڪستان ۾ اسلامي سربراه ڪافرنس فيبروري 1974ع ۾ ٿي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. اسان جو ______ معدني وسيلن سان بہ مالا مال آهي.
(i) شهر (ii) صوبو ✓ (iii) ملڪ

2. اسان جو پيارو وطن پاڪستان ________ ۾ قائم ٿيو.
✓ (i) 1947ع (ii) 1948ع (iii) 1949ع

3. اسان وٽ ترقي ڪرڻ جا ________ وسيلا آهن.
✓ (i) ڪيترائي (ii) ٿورا (iii) محدود

4. هتان جو وڏي ۾ وڏو درياءُ ________درياءُ آهي.
(i) چناب ✓ (ii) سنڌو (iii) ستلج

5. ________ تہ اهم اُپت وارو فصل آهي.
(i) ڪڻڪ (ii) چانور ✓ (iii) ڪپهہ

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| آزاد | قيد | فائدو | نقصان |
| صحيح | غلط | مضبوط | ڪمزور |

**(هہ) هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو:**

قرباني اسين هرسال عيد الاضحيٰ تي قرباني ڪندا آهيون.
عطا الله تعاليٰ اسان کي پاڪستان جهڙو ملڪ عطا ڪيو آهي.
پائيپي اسان کي پاڻ ۾ پائيپي سان رهڻ گهرجي.
اتحاد اتحاد ۾ ٻڌي ۾ برڪت آهي.
جام اسان جي ملڪ ۾جام فصل ٿين ٿا.
ترقي اسان جو ملڪ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو رهي ٿو.
مکيہ ڪڻڪ ۽ ڪپهہ هتان جامکيہ فصل آهن.
جهالت اسان کي علم حاصل ڪري جهالت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ گهرجي.



**(و) صحيح جملي جي سامهون "✓" ۽ غلط جملي جي سامهون "×" لکو.**

1. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هتي تمام گهڻا ڪارخانا هئا. (×)
2. اسان پاڪستان علامہ اقبال جي اڳواڻيءَ ۾ حاصل ڪيو. (×)
3. ڪڻڪ ۽ ساريون بہ اسان جا مکيہ فصل آهن. (✓)
4. اسان کي گهرجي تہ پنهنجي ملڪ جون ٺهيل شيون استعمال ڪريون. (✓)

**(ز) هيٺيان خال ڀريو:**

(1) اسان جو پيارو پاڪستان 1947ع ۾ **قائم** ٿيو.
(2) هتي وڏي **۾ وڏو درياءُ** سنڌو درياءُ آهي.
(3) **ڪپهہ** اهم اُپت وارو فصل آهي.
(4) پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هتي تمام ٿورا **ڪارخانا** هئا.

سبق ڇهون

# رشتا ناتا

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| باهمي | وچ ۾ | تعلق | رشتو |
| ڳڻ | خوبي | ورتاءُ | هلت چلت |
| سلوڪ | ورتاءُ | تاڪيد | زور ڀرڻ |
| نيڪ نامي | شهرت | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: رت جا رشتا ڪهڙا آهن؟

جواب: ڀاءُ، ڀيڻ، چاچا،ماما، سوٽ، ماسات، ماروٽ وغيره رت جا رشتا آهن.

سوال2: سماجي رشتا ڪهڙا آهن؟

جواب: استاد، دوست، پاڙيسري، ڳوٺ وارا وغيره سماجي رشتا آهن.

سوال3: سلجهيل سماج ڪهڙي ريت ٺهجي ٿو؟

جواب: سلجهيل سماج تڏهن ٺهجي ٿو جڏهن ان جا فرد سڌريل هجن ۽ هڪٻئي لاءِ پيار محبت ۽ عزت احترام هجي.

سوال4: ٻين سان سهڻي سلوڪ سان پيش اچڻ لاءِ اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلَى آلِهِ وَأَصْحَابِهِ وَسَلَّمَ جا فرمايو آهي؟

جواب: اوهان مان ڀلو مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان ٻيا مسلمان محفوظ هجن.

سوال5: اعليٰ انساني ڳڻ ڪهڙا آهن؟

جواب: رشتن ناتن جو احترام ۽ عزت ڪرڻ اعليٰ انساني ڳڻ آهي.



**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. ماءُ، پيءُ، ڀائر، ڀينر ______ جا رشتا آهن.
(i) سماجي ✓ (ii) رت (iii) دل

2. استاد، دوست، پاڙيسري، هم وطن ______ جا رشتا آهن.
(i) دل ✓ (ii) سماجي (iii) رت

3. جيڪو ٻين سان سهڻو ورتاءُ ڪري ٿو اهو ٻين جي ______ ۾ جاءِ جوڙي ٿو.
(i) گهرن ✓ (ii) دلين (iii) پلاٽن

4. اوهان مان ڀلو مسلمان اهو آهي. جنهن جي ______ کان ٻيا مسلمان محفوظ هجن.
✓ (i) هٿ ۽ زبان (ii) دولت ۽ شهرت
(iii) عزت ۽ غيرت

5. سنا اخلاق ۽ عادتون قوم ۽ وطن جي ____ جو ذريعو آهن.
✓ (i) نيڪ نامي (ii) بدنامي (iii) نمائش

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ماءُ | پيءُ | ڀيڻ | ڀاءُ |
| پٽ | ڌيءُ | مڙس | زال |
| استاد | شاگرد | دوست | دشمن |

**(هه) هيٺين واحد لفظن جا جمع ناهيو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| چاچو | چاچا | مامو | ماما |
| سؤٽُ | سوٽَ | ماروٽُ | ماروٽَ |
| ماساتُ | ماساتَ | دوستُ | دوستَ |

**(و) ”رشتن جو احترام ڪريو“ جي عُنوان تي پنهنجي اسڪول ۾ تقرير ڪريو.**

منهنجا عزيز ساٿيو:

رشتا ڪهڙا بہ هجن سڀ عزت جي لائق آهن. رشتن ناتن سان سهٺو سلوڪ ڪرڻ اعليٰ انساني گڻ آهي. اسان جي نبي اڪرم ﷺ جن جو فرمان آهي تہ اوهان مان پلو مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان ٻيا مسلمان محفوظ هجن. جيڪو ٻين سان سهٺو ورتاءُ ڪري ٿو اهو ٻين جي دلين ۾ جايون ناهي ٿو. تنهنڪري اسان کي سڀني سان سهٺو سلوڪ ڪرڻ گهرجي.

**(ز) هيٺيان لفظ درست اچارن ۽ روانيءَ سان پڙهو.**

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| سنسار | رنگ برنگي | قالين | اظهار | صادق |
| ويري | امانتون | خيريت | سلامت | گفتار |
| معلوم | لامارا | بيواهہ | طائف | هدايت |
| طفيل | جام | ساحل | فطرت | معراج |
| صديق | خلافت | بهترين | وصال | سرانجام |
| مالا مال | اپت | معدني شيون | جدوجهد | قابض |
| وسيلا | پيٽرول | ڪارخانا | ڪانفرنس | غربت |
| قربان | جهالت | آگاهہ | پائپي | ناتا |
| هٽرادو | سهولتون | غربت | سلوڪ | تاڪيد |
| احترام | خاندان | سماجي | ورتاءُ | اهميت |
| همدردي | لحاظ | تعلق | نمائش | نيڪ نامي |
| ٿمٿار | قائم | | | |



سبق ستون

# سج، چنڊ ۽ تارا

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| توانائي | طاقت | مهيا | موجود |
| مٿاڇرو | مٿيون تهہ | چرپر | حرڪت |
| ٻهراڙي | ڳوٺاڻو علائقو | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: زمين تي موجود سڀني جاندار شين لاءِ توانائيءَ جو خاص ذريعو ڪهڙو آهي؟

جواب: زمين تي موجود سڀني جاندار شين لاءِ توانائيءَ جو خاص ذريعو سج آهي.

سوال2: تارا ننڍڙا ڇو ڏسڻ ۾ ايندا آهن؟

جواب: تارا انڪري ننڍڙا ڏسڻ ۾ ايندا آهن ڇاڪاڻ تہ اهي تمام پري آهن.

سوال3: چنڊ اسان کي ڪڏهن ننڍو ۽ ڪڏهن وڏو ڇو ڏسڻ ۾ ايندو آهي؟

جواب: جيئن تہ چنڊ کي روشني سج کان ملي ٿي تنهنڪري ڪڏهن ننڍو تہ ڪڏهن وڏو نظر ايندو آهي.

سوال4: چنڊ کي روشني ڪٿان ملي ٿي؟

جواب: چنڊ کي روشني سج کان ملي ٿي.

سوال5: خلا باز چنڊ تان پاڻ سان گڏ ڇا کڻي آيا؟

جواب: خلا باز چنڊ تان پاڻ سان گڏ مٽي ۽ پٿر کڻي آيا.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. انسانن تمام __________ راڪيٽ ايجاد ڪيا آهن.
   (i) وڏا (ii) ڊگها ✓ (iii) تيز رفتار
2. چنڊ ۽ تارا ____ ڪان الهندي طرف چرپر ڪندا رهندا آهن.
   ✓ (i) اڀرندي (ii) اتر (iii) ڏکڻ
3. حقيقت ۾ چنڊ کي روشني __________ ڪان ملي ٿي.
   (i) ستاري (ii) آسمان ✓ (iii) سج
4. ٻهراڙيءَ جا ماڻهو _____ کي ڏسي وقت ۽ طرف سڃاڻيندا آهن.
   (i) سج (ii) چنڊ ✓ (iii) تارن

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اڀرندو | لهندو | سولائي | ڏکيائي |
| مٿي | هيٺ | روشني | اوندهه |
| اڀرڻ | لهڻ | مٿانهون | هيٺانهون |

**(ه) هيٺيان جملا درست ڪري لکو:**

(1) لهندو سج آهي الهندي طرف.
سج الهندي طرف لهندو آهي.

(2) نه هوندا آهن ننڍڙا تارا.
تارا ننڍڙا نه هوندا آهن.

(3) آهي هڪجهڙو چنڊ نه مٿاڇرو جو.
چنڊ جو مٿاڇرو هڪجهڙو نه آهي.

(4) رهندا تارا جڳهه پڻ آهن بدلائيندا.
تارا جڳهه پڻ بدلائيندا آهن.



**(و) صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.**

(1) چنڊ جي مٿاڇري تي داغ ڪو نه نظر ايندا آهن. (✗)

(2) چوڏهينءَ جو چنڊ رات جو سڄو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. (✓)

(3) خلا باز هوائي جهاز ذريعي چنڊ تي پهتا. (✗)

(4) چنڊ جو مٿاڇرو چمڪدار آهي. (✗)

سبق ائون

# ڪمپيوٽر

ڪمپيوٽر تي لکون پڙهون ٿا،
ڪمپيوٽر تي راند ڪيون ٿا.

حوالو: هي شعر بيت "ڪمپيوٽر" مان ورتل آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر ڪمپيوٽر بابت ٻڌائيندي چوي ٿو ته اسين ڪمپيوٽر تي لکون پڙهون ٿا ۽ ان سان گڏو گڏ رانديون به ڪيڏون ٿا.

هلندي ڪمپيوٽر تي هر شيءِ،
اهڙا هت اسرار ڏسون ٿا.

حوالو: هي شعر بيت "ڪمپيوٽر" مان ورتل آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته اڄڪلهه هر شي ڪمپيوٽر تي هلي ٿي پئي. اڄڪلهه دنيا ۾ اهڙا اسرار نظر اچن ٿا.

لکن جا ليکا منٽ ۾ ٿيندا،
ذهن تي هاڻ نه زور ڏيون ٿا.

حوالو: هي شعر بيت "ڪمپيوٽر" مان ورتل آهي.

تشريح: هن شعر ۾ فرمائي ٿو ته ڪمپيوٽر ذريعي تمام تيز رفتاريءَ سان اسين حساب حل ڪيون ٿا جنهنڪري ذهن تي زور به ڪونه ٿو ڏيڻو پوي.

سانڍي ٿو هو ساريون ڳالهيون،
چيز وڃايل پوءِ لهون ٿا.

حوالو: هي شعر بيت "ڪمپيوٽر" مان ورتل آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته ڪمپيوٽر هر شيءِ کي سنڀالي رکي ٿو جڪا شيءِ ڳولهبي اها لڀي پوندي آهي.



ڪمپيوٽر جي هيءَ ڪرامت،
سچيءَ دل سان پاڻ مڃون ٿا.

حوالو: هي شعر بيت "ڪمپيوٽر" مان ورتل آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته ڪمپيوٽر جون ايڏيون خوبيون ۽ خاصيتون ڏسي اسين ڪمپيوٽر جي فائدن کي سچي دل سان مڃيندا آهيون.

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اسرار | راز | ليکا | حساب ڪتاب |
| سانڍي | سنڀالي | ساريون | سڀ، مڪمل |
| چيز | شيءِ | ڪرامت | اڻ ٿيڻي ڳالهه |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: هن نظم جو ڪهڙو شعر اوهان کي وڻي ٿو؟

جواب: اسان کي هي شعر وڻي ٿو
لکن جا ليکا منٽ ۾ ٿيندا
ذهن تي هاڻ نه زور ڏيون ٿا.

سوال2: لکن جا ليکا ڪيتري دير ۾ ٿين ٿا؟

جواب: لکن جا ليکا منٽ ۾ ٿين ٿا.

سوال3: ڪمپيوٽر جا ڪهڙا اسرار آهن؟

جواب: هر شيءِ ڪمپيوٽر وسيلي هلي ٿي پئي.

**(ج) هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| ذهنُ | ذهنَ | ڳالهه | ڳالهيون |
| اسرارُ | اسرارَ | ليکو | ليکا |
| شيءِ | شيون | ڪَرامتَ | ڪرامتون |

**(د) هيٺيان خال پريو.**

1. ڪمپيوٽر تي لکون پڙهون ٿا.
2. ڪمپيوٽر تي راند ڪيون ٿا.
3. هلندي ڪمپيوٽر تي هر شيءِ.
4. اهڙا هت اسرار ڏسون ٿا.

**(هه) سڃاڻو ۽ انهن جا نالا لکو:**















سبق نائون

# نصيحت ڀريا نڪتا

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| واٽ | رستو | درويش | الله لوڪ |
| ڳڻتي | الڪو | اڻ مئي | اڻ ڳڻيل، تمام گهڻي |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: وتائي فقير جي پهرين ڳالهه جو ڇا مطلب آهي؟

جواب: وتائي فقير جي پهرين ڳالهه جو اهو مطلب آهي ته گهڻي دولت ۾ايترو محو نه ٿجي جو انسان کان خدا جي ياد به وسري وڃي.

سوال2: وتائي فقير جي ٻي ڳالهه ڇا بابت آهي؟

جواب: وتائي فقير جي ٻي ڳالهه جو اهو مطلب آهي ته دنيا ۾ انسانن کي تڪليفون اينديون آهن ۽ مرڻ کانپوءِ سندن وارثن کي تڪليف ايندي آهي.

سوال3: وتائي فقير جي ڏنل ٽئين ڳالهه مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

جواب: وتائي جي ٽئين ڳالهه مان اها نصيحت ملي ٿي ته اسانکي ٻين جي ذاتي ڪمن ۾ ٽنگ نه اڙائڻ گهرجي.

سوال4: اوهان جي وتائي فقير جي ٻي ڪا ڳالهه ياد هجي ته ٻڌايو؟

جواب: وتائي فقير کي هڪ ڏينهن سندس ماءُ چيو ته پاڙي مان ڪنهن کان ٽانڊو آڻي ڏي ته باهه دکايان. وتايو خالي هٿين موٽي آيو ۽ وراڻيائينس ته امان ڪنهن وٽ به ٽانڊو ڪونه

آهي. ماءُ ڪيس ڪاوڙ ۾ چيو تہ ڀلا دوزخ مان ئي تاندو ڪڻي اچ تہ وتائي نهہ پهہ جواب ڏنس تہ امان اتي بہ تاندا ڪونهن دوزخ ۾ بہ ماڻهو هتان ئي تاندا پاڻ سان گڏ ڪڻي ويندا.

**(ج) هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| ڳٽي | ڳٽيون | گهڙي | گهڙيون |
| گهٽي | گهٽيون | ديڳ | ديڳيون |
| دعا | دعائون | | |

**(د) صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.**

(1) وتايو فقير واٽ سان لا اله الا الله جو ذڪر ڪري رهيو هو. (✓)

(2) وتائي هڪ روپئي مان جتي ۽ ڪپڙا ورتا. (✗)

(3) فقير دعا ڪر تہ ڇوڪر راند ڪرڻ ڇڏي ڏئي. (✗)

(4) جيڪي هوندا سي روئندا ۽ جي نہ هوندا تہ سندن پويان روئندا. (✓)

(5) همراهہ پٽ جي ديڳ وتائي کي ڏني. (✗)



سبق ڏهون

# سٽيون ڇوڪريون

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ساهيڙيون | دوستيون | سگهڙ | هوشيار |
| سانڍي | سنڀالي | سڀاءُ | ورتاءُ |
| ڀائيندا | تعريف ڪندا | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: عائشہ ۽ عاتڪہ پاڻ ۾ ڇا آهن؟

جواب: عائشہ ۽ عاتڪہ پاڻ ۾ ساهيڙيون آهن.

سوال2: عائشہ جي ماءُ انهن کي ڪهڙو ڪم سيکاريو آهي؟

جواب: عائشہ جي ماءُ انهن کي سبڻ ۽ پرڻ جو ڪم سيکاريو آهي.

سوال3: عائشہ کي ڇا بڻجڻ جو شوق آهي؟

جواب: عائشہ کي ڊاڪٽر بڻجڻ جو شوق آهي.

سوال4: عاتڪہ جو ڪهڙو خواب آهي؟

جواب: عاتڪہ جو استاد بڻجي قوم ۽ ملڪ جي نياڻين کي تعليم ڏيڻ جو خواب آهي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. عائشہ جي ماءُ هڪ __________ عورت آهي.

(i) سگهڙ ✓ (ii) اياڻي (iii) ڪمزور

2. عائشہ ۽ عاتڪہ پاڻ ۾ __________ آهن.

(i) ساٿياڻيون (ii) ساهيڙيون ✓ (iii) ڀينر

3. عائشہ __________ بڻجڻ چاهي ٿي.

(i) استاد (ii) نرس (iii) ڊاڪٽر ✓

4. ______ ٻڌڻ عاتڪ جو خواب آهي.

(i) ڊاڪٽر (ii) استاد ✓ (iii) نرس

5. سني ______ جي ڪري کين استاد ڀائيندا آهن.

(i) ورتاء (ii) سياء ✓ (iii) شوق

**(د) هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.**

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ساهيڙي | ساهيڙيون | واندي | وانديون |
| راند | رانديون | اُجري | اجريون |
| ڇوڪري | ڇوڪريون | | |

**(هہ) صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.**

1. عائشہ ۽ عاتڪ پاڻ ۾ ڀينر آهن. (✗)
2. عاتڪ جي ماءُ کين ڀرت ڀرڻ ۽ سبڻ سيکاريو آهي. (✗)
3. اهي هر وقت رانديون ڪنديون آهن. (✗)
4. انهن کي پڙهڻ جو شوق نہ آهي. (✗)
5. سني سياء جي ڪري کين استاد توڙي شاگرد ڀائيندا آهن. (✓)

**(و) پنهنجي گهٽي کي گڏجي صاف ڪريو ۽ انهي بابت ڪلاس ۾ پنهنجن دوستن کي ٻڌايو تہ اوهان گهٽي صاف ڪرڻ دوران ڪهڙو ڪم ڪيو.**

مون گهٽي صاف ڪرڻ دوران گند ڪچرو گڏ ڪري ڪچريدان ۾ ڦٽو ڪرڻ جو ڪم ڪيو.



سبق يارهون

# اٿو ٻارو ٿيو سُجاڳ

اٿو ٻارو ٿيو سُجاڳ،
ننڊ گهٽي اٿو اَياڳ.

حوالو: هي شعر نظم "اٿو ٻارو ٿيو سُجاڳ" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر ظهير احمد "ظهير" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر ٻارن کي صلاح ڏئي ٿو تہ اي ٻارو ننڊ مان سجاڳ ٿيو. گهٽي ننڊ اَياڳ جي نشاني آهي.

صبح سويري ڏٺي سنڀاريو،
مڪتب جي پوءِ واٽ نهاريو.

حوالو: هي شعر نظم "اٿو ٻارو ٿيو سُجاڳ" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر ظهير احمد "ظهير" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ صبح سان رب پاڪ کي ياد ڪريو ۽ پوءِ مڪتب ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪريو.

جيڪو توهان کي استاد پڙهائي،
ان کي رکو دل سان لائي.

حوالو: هي شعر نظم "اٿو ٻارو ٿيو سُجاڳ" مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر ظهير احمد "ظهير" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر ٻارن کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ توهان کي استاد جيڪو ڪجهہ پڙهائي ۽ سيکاري ٿو ان کي دل سان هنڊائي رکو.

ٻالڪ جيڪو سو هونهار ٿيندو،
ملڪ جو سو ئي معمار ٿيندو.

حوالو: هي شعر نظم ”اٿو ٻارو ٿيو سُجاڳ“ مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر ظهير احمد ”ظهير“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ جيڪو ٻار محنت ڪري هوشيار ٿيندو تہ اڳتي هلي اهو ئي ملڪ جي ترقيءَ جو سبب بڻجندو.

مڪتب سان جو رکندو چاهہ،
سڀ سٺايون ڪندس الله.

حوالو: هي شعر نظم ”اٿو ٻارو ٿيو سُجاڳ“ مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر ظهير احمد ”ظهير“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ جيڪو ٻار پڙهائيءَ سان شوق رکندو تہ الله تعاليٰ بہ ان جي مدد ڪندو ۽ ان جي هر پريشاني دور ٿي ويندي.

ونو ”ظهير“ جي صلاح سهڻي،
علم سان ئي رکو دل گهڻي.

حوالو: هي شعر نظم ”اٿو ٻارو ٿيو سُجاڳ“ مان ورتل آهي. جنهن جو شاعر ظهير احمد ”ظهير“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر ”ظهير“ ٻارن کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ منهنجي سهڻي صلاح مڃو ۽ علم سان دل لڳايو.

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سجاڳ | ننڊ مان جاڳڻ | اياڳ | نياڳ |
| مڪتب | اسڪول | معمار | ناهيندڙ جوڙيندڙ |
| | سنياريو | ياد ڪيو | |



**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: گهڻي ننڊ ڇا آهي؟
جواب: گهڻي ننڊ اَياڳ آهي.
سوال2: ملڪ جو معمار ڪير ٿيندو آهي؟
جواب: جيڪو ٻار محنت ڪري هوشيار ٿيندو اهوئي ملڪ جو معمار ٿيندو.
سوال3: صبح سويري ڇا ڪجي؟
جواب: صبح سويري الله تعاليٰ کي ياد ڪجي.
سوال4: هن بيت ۾ شاعر ڪهڙي صلاح ڏئي ٿو؟
جواب: هن بيت ۾ شاعر علم سان چاهہ رکڻ جي صلاح ڏئي ٿو.

**(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سجاڳ | ننڊ | سنياريو | وساريو |
| اياڳ | ياڳ | سهڻي | ڪوجهي |

**(د) هن بيت مان هم آواز ڳولهي لکو.**

جيئن: سجاڳ - اياڳ
سنياريو – نهاريو ، لائي – پڙهائي
هونهار – معمار ، گهڻي – سهڻي

**(ه) هيٺيان خال پريو.**

1. صبح سويري **ڏٺي** سنياريو
2. **مڪتب** جي پوءِ واٽ نهاريو.
3. ٻالڪ جيڪو سو **هونهار** ٿيندو.
4. ملڪ جو سوئي **معمار** ٿيندو.

**(و) هيٺيان لفظ درست اُچارن ۽ روانيءَ سان پڙهو.**

| | | | |
|---|---|---|---|
| چمڪندڙ | روشن | زنده | جاندار |
| ذريعو | راڪيٽ | لباس | ايجاد |
| چرپر | ٻهراڙي | ڪمپيوٽر | ڪرامت |
| ليڪا | اسرار | ذڪر | خيال |
| اڻ مٽي | همراهه | شخصيت | درويش |
| نصيحت | ساهيڙيون | وانديون | صاف سٿرو |
| سانڍي | پائيندا | رانديون | هوشيار |
| سياءُ | سجاڳ | مڪتب | ٻالڪ |
| معمار | هونهار | صلاح | سنپاريو |
| سهٽي | | | |



سبق ٻارهون

# سَر حاجي عبدالله هارون

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مقام | جڳهه | پرورش | پالنا |
| ماهوار | هر مهيني | شمار | ڳڻپ |
| تحريڪ | هلچل | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب ٻڌايو.**

سوال1: سر حاجي عبدالله هارون ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو؟

جواب: سر حاجي عبدالله هارون 1872ع ۾ ڪراچيءَ جي هڪ غريب خاندان ۾ پيدا ٿيو.

سوال2: پيءُ جي وفات کان پوءِ کيس ڪنهن پاليو؟

جواب: پيءَ جي وفات کانپوءِ کيس سندس ماءُ پاليو.

سوال3: هو ڪنهن جو ساٿي هو؟

جواب: هوقائداعظم محمد علي جناح جو ساٿي هو.

سوال4: هو ڪهڙن ماڻهن جي مدد ڪندو هو؟

جواب: هو غريبن، يتيمن ۽ مسڪينن ۽ ضرورتمندن جي دل کولي مدد ڪندو هو.

سوال5: سر عبدالله هارون جي زندگيءَ مان اسان کي ڪهڙو سبق ملي ٿو؟

جواب: سر عبدالله هارون جي زندگيءَمان اسان کي اهو سبق ملي ٿو ته محنت ڪرڻ گهرجي ۽ همت نه هارجي. غريبن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ گهرجي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. سر عبدالله هارون 1872ع ۾ ________ جي هڪ غريب خاندان ۾ ڄائو.

(i) نواب شاهه ✓ (ii) ڪراچيءَ (iii) سانگهڙ

2. سر عبدالله هارون ______ سالن جو هو ته سندس پيءُ وفات ڪري ويو.

(i) ٻن (ii) ٽن ✓ (iii) چئن

3. هن محسوس ڪيو ته واپار ڏاڍي ________ ڌنڌو آهي.

✓ (i) فائدي (ii) نقصان (iii) بيڪار

4. سر عبدالله هارون جي هڪ دڪاندار وٽ ماهوار پگهار ______ روپيه هئي.

(i) ٽي روپيه ✓ (ii) چار روپيه (iii) پنج روپيه

5. جلد ئي هن جو شمار ڪراچيءَ جي وڏن ________ ۾ ٿيڻ لڳو.

(i) آفيسرن (ii) سياستدانن ✓ (iii) واپارين

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| رحمدل | ظالم | خاص | عام |
| سخي | شوم | غريب | امير |
| ايمانداري | بي ايماني | شروع | ختم |

**(هہ) لفظ ٺاهيو: جيئن، مسجد مان مسجدون**

ڪوشش قوم اوطاق ڍنڍ

**ڪوششون قومون اوطاقون ڍنڍون**



**(و) هيٺيان لفظ جملن ۾ استعمال ڪريو:**

ڌرتي: سنڌ ڌرتي اسان جو ديس آهي.

ڀرپور: اسان کي ڪامياب ٿيڻ لاءِ ڀرپور محنت ڪرڻ گهرجي.

ضرورت: دوست اهو آهي جيڪو ضرورت مهل ڪم اچي.

نيڪي: رستي تان پٿر هٽائڻ به هڪ نيڪي آهي.

ايمانداري: اسان کي ايمانداريءَ سان واپار ڪرڻ گهرجي.

تحريڪ: سر حاجي عبدالله هارون پاڪستان جي تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

**(ز) هن سبق ۾ ڪراچي شهر جو نالو آيو آهي. توهان سنڌ جي ڪن به پنجن شهرن جا نالا لکو.**

حيدرآباد سکر لاڙڪاڻو

شڪارپور جيڪب آباد

سبق تيرهون

# بهار جي مند

آئي مند بهار جي آئي،
چوڏاري ڦهلي سُرهائي.

حوالو: هي شعر ”بهار جي مند“ نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته بهار جي مند اچڻ سان هر طرف خوشي اچي وئي آهي.

گونج ڦُٽا ۽ مکڙيون مرڪيون،
پوپٽ پارن ماڪون سُرڪيون،
پوئرن پي آ پون پون لائي،
آئي مند بهار جي آئي.

حوالو: هي شعر ”بهار جي مند“ نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر فرمائي ٿو ته بهار جي مند اچڻ سان نوان گل ۽ گونچ ڦٽا آهن، پوپٽ پڻ خوش ٿيا آهن ۽ پوئرن پڻ خوشيءَ جا گيت شروع ڪيا آهن.

سهڻا پنگ پکي ٿا ساهن،
گيت انوکا هوٿا ڳائن،
منڙي منڙي تن جي وائي،
آئي مند بهار جي آئي.

حوالو: هي شعر ”بهار جي مند“ نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.



تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته بهار جي مند ۾ پکي پڻ نوان پر ڪڍن ٿا ۽ خوشين جا گيت ڳائن ٿا. انهن جي منڙي ٻولي آهي.

ٻاري ٻاري ۾ آ ساوڪ،
تنهن تي خوش ٿي کيڏن ٻالڪ،
سهڻي تن آ راند رچائي،
آئي مند بهار جي آئي.

حوالو: هي شعر ”بهار جي مند“ نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو ته بهار جي موسم اچڻ سان هر هڪ ٻاري ۾ ساوڪ ٿي پئي آهي انهن ۾ ٻار رانديون ڪيڏن ٿا. انهن بهار جي مند ۾ رانديون رچايون آهن.

گهمندا ڦرندا ٻالڪ آيا،
غازيءَ تن کي گيت ٻُڌايا،
کيڏي تن مان لذت آئي،
آئي مند بهار جي آئي.

حوالو: هي شعر ”بهار جي مند“ نظم مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر فرمائي ٿو ته بهار جي مند ۾ ٻار ساوڪ ۾ گهمندا اچن ٿا تن کي شاعر ”غازي“ گيت پڻ ٻڌائي ٿو. ٻارن مان تنهن کي ڏاڍو مزو اچي ٿو. اهي سيئي ڳالهيون بهار جي مند اچڻ سبب ٿين ٿيون.

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ٽهلي | پکڙي | سرهائي | خوشي |
| مرڪيون | کليون | سُرڪيون | پِيتيون |
| انوڪا | عجيب | لذت | مزو |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: هن نظم مان توهان کي ڪهڙو بند پسند آهي؟

جواب: هن نظم مان اسان کي هي بند پسند آهي.

ٻاري ٻاري ۾ آ ساوڪ،
تنهن تي خوش ٿي ڪيڏن ٻالڪ،
سهڻي تن آ راند رچائي،
آئي مند بهار جي آئي.

سوال2: بهار جي مند ۾ ڇا ڇا ٿئي ٿو؟

جواب: بهار جي مند ۾نوان نوان گل گونچ ۽ مکڙيون ڦٽن ٿيون. هر هنڌ ساوڪ ٽهلجي وڃي ٿي. هرهڪ پکي پکڻ خوش ٿيندو آهي ۽ خوشيءَ جا گيت ڳائيندو آهي.

سوال3: توهان کي ڪهڙي مند پسند آهي ۽ ڇو؟

جواب: اسان کي بهار جي موسم پسند آهي ڇو ته اها هڪ وڻندڙ ۽ وچٿري موسم هوندي آهي.

**(ج) هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مکڙي | مکڙيون | راند | رانديون |
| لذت | لذتون | خوشي | خوشيون |
| مند | مندون | | |



**(د) سجاڻو ۽ نالا ٻڌايو.**












سبق چوڏهون

# سنڌ ۽ سنڌي ٻولي

مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اهم | خاص | قديم | پراڻو |
| سڌريل | ترقي يافته | نرالا | الڳ، جدا |
| منفرد | الڳ، جدا | سگهه | طاقت |
| رسم الخط | لکڻ جي صورت | رائج | قائم |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: سنڌي ٻولي ڪٿي ڳالهائي ويندي آهي؟
جواب: سنڌي ٻولي سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي آهي.
سوال2: پاڪستان ۾ ٻيون ڪهڙيون ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن؟
جواب: پاڪستان ۾ اردو، پنجابي، سرائڪي، پشتو، بروهڪي ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن.
سوال3: سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ ۾ ڪيترا اکر آهن؟
جواب: سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ ۾ 52 اکر آهن.
سوال4: سنڌ جي سرڪاري ٻولي ڪهڙي آهي؟
جواب: سنڌ جي سرڪاري ٻولي سنڌي آهي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. اسين ______ صوبي ۾ رهون ٿا.
✓ (i) سنڌ (ii) پنجاب (iii) بلوچستان



2. پاڪستان جي قومي ٻولي ______ آهي.
(i) سنڌي ✓ (ii) اردو (iii) پشتو

3. سنڌي ٻولي جي الفابيٽ ۾ اکر آهن:
(i) 25 ✓ (ii) 52 (iii) 47

4. ٻولي هڪ اهڙي خاص سگهه آهي جيڪا ماڻهن کي هڪٻئي جي ______ آڻي ٿي.
✓ (i) ويجهو (ii) پري (iii) دور

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو.**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| الڳ | گڏ | قديم | جديد |
| خاص | عام | ويجهو | پري |
| سٺي | خراب | | |

**(هه) صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.**

1. اسين سنڌ صوبي ۾ رهون ٿا. (✓)
2. سنڌي سنڌ صوبي جي سرڪاري ٻولي آهي. (✓)
3. سنڌ جا ماڻهو بلوچي ٻولي ڳالهائيندا آهن. (✗)
4. سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ ۾ 28 اکر آهن. (✗)
5. اسان کي ٻيون ٻوليون نه سکڻ گهرجن. (✗)

سبق پندرهون

# سُڌ سماءَ جا ذريعا (تصويرون)

مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سُڌ | خبر چار | سماء | خيال |
| ذريعا | وسيلا | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اخبارن ۾ ڇا لکيل هوندو آهي؟

جواب: اخبارن ۾ مختلف علائقن جون خبرون لکيل هونديون آهن.

سوال2: اسين پنهنجن پري وارن مائٽن سان ڇا جي وسيلي ڳالهائيندا آهيون؟

جواب: اسين پنهنجن پري وارن مائٽن سان ٽيليفون يا موبائل فون وسيلي ڳالهائيندا آهيون.

سوال3: توهان ٽيليويزن تي ٻارن جا ڪهڙا پروگرام ڏسندا آهيو؟

جواب: اسين ٽيليويزن تي ٻارن لاءِ تيار ڪيل خاص پروگرام ۽ ڪارٽون ڏسندا آهيون.

سوال4: هن سبق ۾ ڪهڙين ڪهڙين شين جون تصويرون آهن؟

جواب: اخبارون، ڪمپيوٽر، ٽيليويزن، موبائل فون ۽ ليپ ٽاپ وغيره.

**(ج) مناسب لفظن سان جملا مڪمل ڪريو.**

اخبار، موبائل فون، ٽيليويزن

1. بابا سائين روزانو صبح جو **اخبار** پڙهندو آهي.
2. اسين شام جو **ٽيليويزن** تي ڪارٽون ڏسندا آهيون.
3. آءُ پنهنجي ڪراچيءَ ۾ رهندڙ چاچي سان **موبائل فون** تي ڳالهائيندو آهيان.



**(د) سڃاڻو، نالا ۽ ڪم ٻڌايو.**




**(هـ) هيٺين عبارت پڙهو، سمجهو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

پيارا ٻارو! منهنجي ڪهاڻي تمام گهڻي پراڻي آهي مونکي ”مارٽن ڪوپر“ ايجاد ڪيو آءُ ٽيليفون جي جديد شڪل آهيان. شروع ۾ جيڪي ٽيليفون ٺهيون ويون هيون اهي تارن جي ذريعي پاڻ ۾ ڳنڍيل هيون ۽ انهن کي هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين کڻي وڃي نه سگهبو هو. آخرڪار هڪ ڏينهن اهڙو به آيو جڏهن سائنسدان پنهنجين ڪوشش ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ ماڻهن جي هٿن ۾ تارن کان بغير فون اچي وئي. تڏهن کان آءُ توهان جي خدمت ۾ پيش ٿيندي پئي اچان.

سوال1: مٿين عبارت ۾ ڇا بابت ذڪر آهي؟

جواب: مٿين عبارت ۾ موبائل فون بابت ذڪر آهي.

سوال2: شروع واريون ٽيليفون پاڻ ۾ ڪهڙي وسيلي ڳنڍيل هيون؟

جواب: شروع واريون ٽيليفون پاڻ ۾ تارن وسيلي ڳنڍيل هيون.

سوال3: تارن کان بغير فون کي ڇا چئبو آهي؟

جواب: تارن کان بغير فون کي موبائل فون چئبو آهي.

سوال4: موبائل فون ڪنهن ايجاد ڪئي؟

جواب: موبائل فون مارٽن ڪوپر ايجادڪئي.

سبق سورهون

# ڪڏهن بہ هَٺُ نہ ڪجي

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| فخر | وڏائي | نوڙت | جهُڪاءُ |
| واءُ | هوا | تڪبر | وڏائي |
| نماڻائي | معصوميت | حيلو | طريقو، نمونو |
| نمي | جُهڪي | هٺُ | غرور |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: وڏي وڻ کي ڇا تي فخر هو؟

جواب: وڏي وڻ کي پنهنجي اوچائيءَ ۽ مضبوطيءَ تي فخر هو.

سوال2: وڏو وڻ، سر تي ڇو کلندو هو؟

جواب: وڏو وڻ سر جي ڪمزوري سبب ان تي کلندو هو.

سوال3: وڏي وڻ جا پير ڪيئن نڪري ويا؟

جواب: وڏي وڻ جا پير وڏي طوفان سبب نڪري ويا.

سوال4: هن آکاڻيءَ مان ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

جواب: هن آکاڻيءَ مان اسان کي اها نصيحت ملي ٿي تہ ڪڏهن بہ غرور نہ ڪريون.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

(1) وڏو نم جو وڻ هو.

✓ (i) درياءَ جي ڪپ تي (ii) سمنڊ جي ڪناري

(iii) اوطاق ۾



(2) نم جو وڻ ______ تي ٽوڪون ڪندو هو.

(i) ول ✓ (ii) سر جي ٻوڙي (iii) پاڙ

(3) جيڪو ______ ۾ آهي سو وڏائيءَ ۽ تڪبر ۾ نہ آهي.

(i) پيار محبت ✓ (ii) نياز نوڙت (iii) صلح صفائي

(4) ______ مارائيندڙ آهي.

✓ (i) هٺ (ii) صحبت (iii) صحت

(5) هٺ ۽ وڏائيءَ جي ڪري ٻين جي لاءِ دل ۾ هميشہ ______ ٿيندي آهي.

(i) خوشي ✓ (ii) نفرت (iii) بهادري

**(د) هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اوچائي | هيٺانهين | ڪمزور | طاقتور |
| ٿلهو | سنهو | ٿورو | گهڻو |
| گهٽ | وڌ | ڏينهن | رات |

**(هہ) هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| ٽڙڪو | ٽڙڪا | طوفانُ | طوفانَ |
| حيلو | حيلا | نفرت | نفرتون |
| جوابُ | جوابَ | ٿَهَڪُ | ٿهڪَ |

سبق سترهون

# گُلُ

ڏسو ڏسو اي ٻارو گل،
سهڻو آهي سارو گل.

حوالو: هي شعر نظم”گل“ مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر ٻارن کي چوي ٿو تہ ٻارو هي گل ڏسو هي گل تمام سهڻو ۽ پيارو گل آهي.

مالهي ٿو ڏي گل کي پاڻي،
گل جي ٻارو ٻُڌو ڪهاڻي.

حوالو: هي شعر نظم”گل“ مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر ٻارن کي چوي ٿو تہ مالهي گل کي پاڻي ڏئي ٿو. اي ٻارو گل جي ڪهاڻي ٻڌو.

راڄ ڪري ٿو، سڀ تا ڄاڻو،
مکڙي راڻي ۽ گل راڻو.

حوالو: هي شعر نظم”گل“ مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر ٻارن کي فرمائي ٿو تہ گل راڻو ۽ مکڙي راڻي راڄ ڪن ٿا. اهو سڀ ڪجهہ اوهين ڄاڻو ٿا.

موتيـــو، نـــرگس ۽ چنبيلـــي،
واهـــ واهـــ ســـهڻي آ شـــرميلي.

حوالو: هي شعر نظم”گل“ مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.



تشريح: هن شعر ۾ شاعر ٻارن کي چوي ٿو تہ موتيو، نرگس، چنبيلي ۽ شرميلي گل سڀ سهڻا ۽ وڻندڙ آهن.

سونهن سان گل ٿو پاڻ ڏي ساهي،
۽ پوءِ خوشبوءِ ڏيندو آهي.

حوالو: هي شعر نظم”گل“ مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر ٻارن کي چوي ٿو تہ گل پنهنجي سونهن وسيلي اسان کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪري ٿو ۽ ان مان اسان کي خوشبو ملندي آهي.

گل سان باغ ٿو سندر ٻڻجي،
ان جي کهڙي خوبي ڳڻجي.

حوالو: هي شعر نظم”گل“ مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر ٻارن کي چوي ٿو تہ گل سان ئي باغ خوبصورت ۽ وڻندڙ لڳندو آهي. گل جي کهڙي ڳالهہ ڪجي.

پؤنرا گل تي جام اچن ٿا،
گل سان ٻارو پيار ڪرن ٿا.

حوالو: هي شعر نظم”گل“ مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد ”غازي“ آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر ٻارن کي چوي ٿو تہ گل تي پؤنر بہ پيرا ڏيندا آهن ۽ گلن سان ٻار پڻ پيار ڪندا آهن.

ٽاريءَ ٽاريءَ ۾ ٽانداٽا
گل سان "غازي" ڪن ٿا ماٽا

حوالو: هي شعر نظم"گل" مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر ٻارن کي چوي ٿو ته هر هڪ ٽاريءَ تي ٽانداٽا وينا آهن ۽ گل سان وينا نخرا ڪن ٿا پيا.

## مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| راڄ | حڪومت | ساهي | ساهه ڪٽي |
| سندر | خوبصورت | خوبي | گڻ، چڱي ڳالهه |
| ڳٽجي | ليڪجي | ماٽا | نخرا |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: هي نظم ڇا جي باري ۾ آهي؟
جواب: هي نظم گل بابت آهي.
سوال2: هن نظم ۾ ڪهڙن گلن جا نالا آهن؟
جواب: هن نظم ۾ موتيو، نرگس، چنبيلي،شرميلي، گل راڻو ۽ مڪڙي راڻي وغيره گلن جا نالا آهن.
سوال3: توهان کي ٻين ڪهڙن گلن جا نالا اچن ٿا؟
جواب: گلاب، رابيل، سورج مکي وغيره.
سوال4: توهان کي سيني کان وڌيڪ ڪهڙو گل وڻندو آهي؟
جواب: اسان کي سيني کان وڌيڪ گلاب جو گل وڻندو آهي.



**(ج) لفظ ٺاهيو: جيئن ٽانداٽو مان ٽانداٽن.**

داٽو داٽن
ڳوناٽو ڳوناٽن
مهاٽو مهاٽن
ماٽهو ماٽهن

**(د) ٻاٽي، ڪهاٽي هڪجهڙن آوازن وارا لفظ آهن. توهان هن نظم مان اهڙا ٻيا هم آواز لفظ ڳولهي لکو.**

ٻارو – سارو ، ڄاٽو – راڻو ، چنبيلي – شرميلي
آهي – ساهي ، ٻٽجي – ڳٽجي ، ماٽا – ٽانداٽا

سبق ارڙهون

# اڇو ته ٻوٽا پوکيون

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جاندار | ساهوارا | تهه | حصو |
| آبي بخار | پاڻيءَ جا ڦڙا | بقا | زندگي |
| سمايل | رکيل | ڪمائتي | فائديمند |
| راز | ڳجهه | معلومات | ڄاڻ |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: ڇا ٻوٽا به ساهوارا آهن؟
جواب: جي ها ٻوٽا به ساهوارا آهن.
سوال2: ٻوٽي جا مکيه حصا ڪهڙا آهن؟
جواب: ٻوٽي جا مکيه حصا پاڙ، ٿڙ، ڏانڊي، پن ۽ گل آهن.
سوال3: پن ٻوٽي لاءِ ڪيئن خوراڪ تيار ڪن ٿا؟
جواب: پن ڪاربان گئس ۽ آبي بخار ڪٺي سج جي روشني تي ٻوٽي لاءِ خوراڪ تيار ڪن ٿا.
سوال4: ميوا ڇا مان پيدا ٿين ٿا؟
جواب: ميوا گلن مان پيدا ٿيندا آهن.
سوال5: ٻوٽي جو ڪهڙو حصو زمين جي اندر هوندو آهي؟
جواب: ٻوٽي جي پاڙ زمين جي اندر هوندي آهي.

**(ج) صحيح جواب چونڊيو.**

1. ٻوٽي لاءِ زمين مان ڪاڏو ڪير حاصل ڪري ٿو؟
(i) ٻج (ii) پن (iii) پاڙ ✓



2. ٻوٽي جو ڪهڙو حصو ٻوٽي کي زمين ڪان مٿي بيهاري ٿو؟
(i) پاڙ (ii) ٿڙ ✓ (iii) ٽاريون

3. ٻوٽي جي ________ ڏگهن تاندورن وانگر ڏسڻ ۾ ايندي آهي.
✓ (i) پاڙ (ii) ٽاري (iii) گل

4. ________ گئس ساهوارن کي ساهه کڻڻ ۾ ڪم ايندي آهي.
✓ (i) آڪسيجن (ii) ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ (iii) سئي گئس

5. ________ جي حياتيءَ جو سفر ٻج کان شروع ٿي ٻج تي ختم ٿئي ٿو.
✓ (i) ٻوٽي (ii) جاندار (iii) پکين

**(د) هيٺين لفظن جا جمع ٺاهيو.**

جيئن: رَنگُ - رنگَ

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| پَنُ | پنَ | ٿُڙُ | ٿُڙَ |
| ٻجُ | ٻجَ | گُلُ | گُلَ |

**(هه) صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جملي جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.**

1. ٻوٽا به جاندار آهن ۽ اسان وانگر ساهه کڻن ٿا. (✓)
2. سلو به طاقتور ٻوٽو هوندو آهي. (✗)
3. پاڙ ٻوٽي کي زمين ۾ اندر ايو جهلي بيهي هوندي آهي. (✓)
4. ٻوٽي جي هيٺين حصي کي ٿڙ چئبو آهي. (✗)
5. مطلب ته ٻوٽي جي حياتيءَ جو سفر ٻج کان شروع ٿي ٻج تي ختم ٿيو وڃي. (✓)

(و) **هيٺيان خال ڀريو:**

(1) ٻوٽا به اسان وانگر **ساهه** کڻن ٿا.

(2) باغيچي مان ڪو **ٻوٽو** پٽي اچ.

(3) ٻوٽا **مختلف** قسمن جا ٿيندا آهن.

(4) ان جو ٻج به **داڻن** وانگر هوندو آهي.

(5) ٻوٽي جي حياتيءَ جو سفر **ٻج** کان شروع ٿئي ٿو.



سبق اوڻيهون

# پاڻي

**مشق**

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو.**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| موج | لهر | ٻاڦ | بخار |
| ڳريون | ڳوريون | ڪشش | ڇڪ |
| قدر | عزت، خيال | | |

(ب) **هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اسان کي پاڻي ڇا مان ملندو آهي؟

جواب: اسان کي پاڻي جر يعني زمين جي هيٺيان، کوهن، دريائن، ڍنڍن ۽ واهن مان ملندو آهي.

سوال2: ڪڪر ڪيئن ٺهندا آهن؟

جواب: جڏهن سج جي گرميءَ تي سمنڊ، تلائن ۽ واهن جو پاڻي ٻاڦ بڻجي هوا ۾ مٿي هليو ويندو آهي ته انهيءَ مان ڪڪر ٺهندا آهن.

سوال3: زمين مان ڪڍيل پاڻي ڇا جو هوندو آهي؟

جواب: جيڪو پاڻي زمين ڇهي ٿي اهو هوندو آهي.

سوال4: پاڻيءَ جون گهڻيون صورتون آهن؟

جواب: پاڻيءَ جون ٽي صورتون آهن.

سوال5: برف پاڻيءَ جي ڪهڙي شڪل آهي؟

جواب: برف پاڻيءَ جي نهري شڪل آهي.

(ج) **صحيح جواب چونڊيو.**

1. جڏهن اسان کي اڃ لڳندي آهي ته ________ پيئندا آهيون.

(i) جوس    (ii) پاڻي ✓    (iii) شربت

2. پاڻيءَ جا ________ قسم يا صورتون آهن.

✓ (i) ٽي (ii) چار (iii) پنج

3. ڪڪرن کي گهٽي ______ لڳي ٿي تہ جهٽ پٽ بوندون ٿيو پون.

(i) اس (ii) گرمي ✓ (iii) ٿڌ

4. پاڻيءَ سان ________ آهي.

✓ (i) زندگي (ii) دولت (iii) مرتبو

5. پاڻي وهندو آهي.

✓ (i) مٿانهين کان هيٺ (ii) هيٺ کان مٿي

(iii) ساڄي کان کابي

**(د) هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو:**

جياپو: پاڻي جاندارن جي جياپي لاءِ لازمي آهي.

ٻاڦ: سمنڊ جو پاڻي ٻاڦ بڻجي مٿي اڏامي ويندو آهي.

جهٽ پٽ: اسلم کي ڏڪ لڳڻ تي سندس دوست جهٽ پٽ کيس اسپتال وٺي ويو.

بوندون: ڪڪرن مان مينهن جون بوندون وسنديون آهن.

آبي بخار: گرميءَ تي پاڻي آبي بخار بڻجي مٿي اڏامندو آهي.

**(هہ) هيٺيان خال ڀريو:**

(1) پاڻي اسان جي **جياپي** لاءِ ضروري آهي.

(2) پاڻي اسان پنهنجي **پيئڻ** لاءِ ڪم آڻيندا آهيون.

(3) پاڻي الله تعاليٰ جي وڏي **نعمت** آهي.

(4) پاڻي هميشہ مٿانهين هنڌ کان **هيٺانهين** هنڌ ڏانهن وهندو آهي.



**(و) هيٺين عبارت پڙهو. سمجهو ۽ سوالن جا جواب ڏيو.**

اسان سڀني کي الله سائينءَ پيدا ڪيو آهي. اسين سڀ پاڻ ۾ ڀائر آهيون. اسان مان ڪي امير آهن تہ ڪي غريب، پر الله سائينءَ جي نظر ۾ سڀ هڪجهڙا آهن. جيڪو چڱا ڪم ڪندو تنهن کي چڱو چئبو برا ڪم ڪندڙ کي برو چئبو. اسلام ۾ عام ۽ خاص جو ڪو بہ فرق نہ آهي. سڀني کي هڪجهڙا حق حاصل آهن.

سوال1: الله سائينءَ جي نظر ۾ امير ۽ غريب ڪيئن آهن؟

جواب: الله سائينءَ جي نظر ۾ سڀ هڪجهڙا آهن.

سوال2: اسلام ۾ سڀني کي ڪهڙا حق حاصل آهن؟

جواب: اسلام ۾ سڀني کي هڪجهڙا حق حاصل آهن.

سوال3: اسلام ۾ عام ۽ خاص ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

جواب: اسلام ۾ عام ۽ خاص ۾ ڪو بہ فرق ڪونہ آهي.

سبق ويھون

# دعا

جا چپن تي ٿي اچي هر دم دعا،
سا قبولج تون اسان جي يا خدا.

حوالو: هي شعر نظم "دعا" مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي رب پاڪ اسان جي چپن تي جيڪا دعا اچي ٿي تون اها قبول فرماءِ.

تون ئي خالق تون ئي مالڪ رب رحيم،
تو سوا ڪوئي نہ آ مشڪل ڪشا.

حوالو: هي شعر نظم "دعا" مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي رب پاڪ تون ئي خالق ۽ مالڪ ۽ رحيم رب آهين. توکان سواءِ ڪوبہ مشڪل ڪشا ڪونہ آهي.

تنهنجي اڳيان سر جهڪايون ٿا اسين،
توکي هر دم ساريون رب العليٰ.

حوالو: هي شعر نظم "دعا" مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي رب پاڪ اسين هر وقت توکي ياد ڪريون ٿا ۽ تنهنجي اڳيان ئي جهڪون ٿا.

صحت ڏي سيني کي اي حاذق حڪيم،
درد ڪر سارا دفع ۽ ڏي شفا.

حوالو: هي شعر نظم "دعا" مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.



تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي رب ڪريم اسان کي تون صحت عطا فرماءِ ۽ اسان جو سڀ تڪليفون دور فرماءِ ۽ اسان کي شفا ڏي.

علم جي تون سونهن سان سينگار مون،
۽ ونائج تون سڌو رستو سدا.

حوالو: هي شعر نظم "دعا" مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي الله سائين تون اسان کي علم جي سونهن سان سينگار ۽ اسان کي هدايت ڏئي ۽ سڌي رستي تي هلاءِ.

جهول تنهنجي در تي آ "غازي" جهلي،
پر اها ئي پر جهلا مالڪ منا.

حوالو: هي شعر نظم "دعا" مان ورتل آهي جنهن جو شاعر غلام محمد "غازي" آهي.

تشريح: هن شعر ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي رب تنهنجي اڳيان غازي جهول جهلي آهي اها جهول تون ڀر اي منهنجا پيارا مالڪ الله سائين.

### مشق

**(الف) هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:**

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| خالق | پيدا ڪندڙ | جهڪايون | نمايون |
| صحت | تندرستي | درد | سُور |
| سونهن | خوبصورت | حاذق | حڪيم |
| دفع | ختم | | |

**(ب) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

سوال1: اسان جي دعا ڪير قبول ڪندو آهي؟

جواب: اسان جي دعا الله سائين قبول ڪندو آهي.

سوال2: اسان جو خالق ۽ مالڪ ڪير آهي؟

جواب: اسان جو خالق ۽ مالڪ الله سائين آهي.

سوال3: اسان کي هميشہ ڪنهن جي اڳيان سِر جهڪائڻ گهرجي؟

جواب: اسان کي هميشہ الله سائين جي اڳيان سِر جهڪائڻ گهرجي.

**(ج) هيٺين لفظن جا جمع لکو.**

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| دعا | دعائون | حڪيمُ | حڪِيمَ |
| عِلمُ | عِلمَ | رستو | رستا |
| ڇَپُ | ڇَپَ | مشڪل | مشڪلون |

**(د) هيٺيان لفظ درست ڪري ٻيهر لکو.**

مالق **مالڪ** مشقل **مشڪل**

سحت **صحت** هاذڪ **حاذق**

هڪيم **حڪيم**

**(ھ) مناسب لفظ چونڊي جملا مڪمل ڪريو.**

(1) آءٌ عبدالله آهيان. (آءٌ، اسين، اهي)

(2) هوءَ پرت پري ٿي. (هي، هوءَ، اهي)

(3) هي هڪ ڊاڪٽر آهي. (هي، هوءَ، اسين)

(4) اسين سبق ياد ڪريون ٿا. (آءُ، اسين، تون)

(5) اهي ڇوڪرا آهن. (هي، هوءَ، اهي)



**(و) هيٺيان خال ڀريو.**

(1) تون ئي **خالق** تون ئي **مالڪ** رب رحيم.

(2) تنهنجي اڳيان **سر جهڪايون** ٿا اسين.

(3) درد ڪر **سارا** دفع ۽ ڏي شفا.

(4) علم جي تون **سونهن** سان سينگار مون کي.